رضي الله تعالیٰ عنه

# غوث پاڪ جو علمي رتبو



(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# غوثِ پاڪ جو علمي رتبو

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه    وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه
اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه    وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيدُنا ابوطلحہ انصاري رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰى عَلَيه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيرو صبح جي وقت رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري تي خُوشي جا آثار ظاهر هئا، صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڄ اوهان نهايت خُوش نظر اچو پيا؟ فرمايائون مون وٽ منهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي طرفان هڪ اچڻ وارو آيو ۽ مون کي عرض ڪيو تہ اوهان جو اُمّتي اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ان جي لاءِ ڏهہ (10) نيڪيون لکندو، ان جا ڏهہ (10) گُناهہ مٽائيندو ۽ ان جا ڏهہ (10) درجا بلند فرمائيندو ۽ ان تي ايتري ئي رحمت موڪليندو. (مسند احمد ، حديث ابى طلحة ، رقم ١٦٣٥٢،ج٥،ص٥٠٩)

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں   اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

مختصر وضاحت: يعني اسان پنهنجي ان پياري پياري آقا تي دُرود موڪلون ٿا، جيڪي هر بي سهاري جو سهارو ۽ آسرو آهن ۽ اسان پنهنجي ان پياري آقا تي سلام موڪلون ٿا جيڪي اسان غافلن جي خبر رکن ٿا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيترييون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀيڄي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَبِيعُ الاخر جو مهينو جاري آهي. هي هو مبارڪ مهينو آهي ته جنهن جي 11 تاريخ، قُطبِ ربّاني، غوثِ صَمداني، قِنديلِ نُوراني، شهبازِ لامڪاني حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه جو عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي، جنهن جو عاشقانِ غوث وڏي ڀارهين شريف به چون ٿا، انهيءَ مُناسَبت سان اسان اڄ سَر زمينِ بَغدَاد تي پنهنجي مَزارِ پُراَنوَار ۾ آرام فرما، ان مُقَدَّس هستِي جو ذِڪرِ خَير، بالخُصُوص سندن علمي مقام ٻڌنداسين، جنهن کي دُنيا غَوثِ اَعظَم جي لقب سان سڃاڻي ٿي. الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي ولايت جو اهو عظيم تاج عطا فرمايو جو اوهان سڀني ولين جا سردار مڃيا ويا. اچو سڀ کان پهريان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه جي عِلمي شان و شوڪت جي باري ۾ هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا.

## عِلم جو سمنڊ

حضرت سَيدُنا حافظ ابُو العَبَّاس احمد رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا ته مان علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه سان گڏ هڪ دفعي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه جي اجتماعِ غوثيه ۾ حاضر ٿيس، هڪ قاري قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي، تلاوت کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه وعظ جي شروعات ڪئي ۽ تلاوت ڪيل آياتِ مُبارَڪ مان هڪ آيت جي تفسير بيان ڪندي آيت جي هڪ معني بيان فرمائي، مون عَلامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه کان پڇيا ڪئي، ڇا اوهان کي هن تفسير جو علم هو؟ انهن جواب ڏنو، ها! مون کي اهو تفسيري قول معلوم هو، ان کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه هڪ هڪ ڪري ٻارهن (11) تفسيري قول بيان ڪيا، منهنجي پڇڻ تي هر ڀيري علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه فرمائيندا رهيا ته اهي تفسيري قول به مون کي معلوم هئا، حافظ ابو العباس رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا ته حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه ان هڪ آيتِ

مُبارَڪ جا چاليھ (40) تفسيري قول بيان ڪيا ۽ ھر ھر قول جي قائل جو نالو بہ ٻڌايو، پر يارھن (11) تفسيرن کان بعد ھر تفسير جي باري ۾ منھنجي پڇڻ تي علامہ ابنِ جوزي نہ ۾ مٿو لوڏيندي چوندا رھيا تہ اھو تفسير منھنجي عِلم ۾ ناھي. (اخبارالاخيار ،ص ١١،بہجة الاسرار،ذکر علمہ ...الخ،ص ٢٢٤،ذبدة الاثار،ص ٥٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ھن واقعي مان حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي علمي مقام ۽ مرتبي جي بلندي جو بخوبي اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ پاڻ ھڪ ئي وقت ۾ ھڪ آيتِ مُبارَڪ بابت چاليھ (40) تفسير بيان ڪيا، جنھن مان اوڻٽيھ (29) تفسير علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي علم ۾ بہ نہ ھئا، جڏھن تہ علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه وقت جا نھايت وڏا عالِم ۽ امام ھئا، علّامہ ابن جوزي عِلمِ قرآن، عِلمِ حديث، عِلمِ فِقہ، جُغرافِيہ، عِلمِ طِب، تاريخ، تفسير، عِلمِ نُجُوم، حساب، لُغَت ۽ نحو وغيره جي علاوه بين ڪيئي عُلوم ۽ فُنُون ۾ بہ ساراھ لائق ڪتاب لکيا، پاڻ ....... جي تصنيفن جو تعداد ٽي سو (300) کان وڌيڪ ٻڌايو ويندو آھي، جنھن ۾ ڪيئي تہ مُجلَّد (يعني ڪيئي ڪيئي جلدن تي مشتمل) آھن ۽ ڪجھ رسالا بہ شامل آھن. (مُقدمہ عيونُ الحکايات، حصہ ١، ص١٦ملتقطا و ملخصاً)

امام ابنِ قُدامہ حنبلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: امام ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه پنھنجي زماني ۾ وعظ ۽ خطابت جا اِمام ھئا، مختلف عُلوم ۽ فُنُون ۾ بھترين ڪتاب تصنيف ڪيا، تدريس بہ ڪندا ھئا ۽ پاڻ ...... حافظُ الحديث بہ ھئا. (حافظُ الحديث کنھن کي چون ٿا، اچو، ٻڌو! ھڪ لک (100،000) حديث سڳوريون سَنَد سان ياد ڪرڻ وارو حافظُ الحديث ھوندو آھي) (مُقدمہ آنسوؤں کا دريا،ص١٥) پر وقت جا ايترا وڏا امام ھئڻ باوجود علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کي، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي بيان ڪيل چاليھ (40) تفسيري قولن مان صرف يارھن (11)

جي باري ۾ خبر هئي، جنهن سان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي علمي سمند جي بي پناھ اونهائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مَظْہرِ عظمتِ غفّار ہیں غوثِ اعظم مُظْہِرِ رِفْعَتِ جبّار ہیں غوثِ اعظم
نائبِ احمدِ مُختار ہیں غوثِ اعظم اور سب ولیوں کے سردار ہیں غوثِ اعظم

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ درياءِ ڪرامت غوثِ پاڪ
ولين تي حڪومت غوثِ پاڪ فرماءِ حمايت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (١) سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بِشارت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غوثِ صَمداني، شَهبازِ لامَڪاني، قِنديلِ نُوراني، حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني اَلْحَسَنِى وَالْحُسينى رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پهرين رَمَضان المبارڪ جمعةُ المُبارَڪ جي ڏينهن 470 سنِ هجري جو بغداد شريف جي ويجهو واري وسندي جِيلان ۾ پيدا ٿيا. (بهجة الاسرار،ص١٧١بتغير قليل) مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 106 صفحن تي مشتمل ڪتاب " غوثِ پاڪ ڪے حالات" جي صفحي نمبر 21 تي آهي. محبوبِ سُبحَاني، شيخ عبدُالقادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي والدِ ماجد حضرت سَيد ابُو صالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه حُضُور غوثِ اَعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي وِلادَت جي رات مُشاهدو ڪيو تہ سَروَرِ ڪائنات، فَخرِ مَوجُودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام ۽ اَولياءِ عِظام رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين سان گڏ سندن گهر جَلوه اَفروز ٿيا ۽ اُنهن کي هن بِشارت سان نوازيو: اي ابُو صالح! الله عَزَّ وَجَلَّ توهان کي اهڙو فرزند (پٽ) عطا فرمايو آهي، جيڪو وَلي آهي

۽ اهو منهنجو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو مَحبُوب آهي ۽ انهن جي شان ،ولين ۽ قطبن ۾ اهڙو ئي هوندو، جهڙو شان اَنبياء ۽ مُرسَلين عَلَيهِمُ السَّلَام ۾ منهنجو آهي. (سيرتِ غوث الثقلين،ص۵۵بحواله تفريح الخاطر)

آپ ہیں پِیروں کے پیر اور آپ ہیں روشن ضمیر
آپ شاہِ اَتْقِیا یا غوثِ اعظم دَسْتْ گِیر
اَولیاء کی گردنیں ہیں آپ کے زیرِ قدم
یا اِمامَ الاولیاء یا غوثِ اعظم دَسْتْ گِیر

فانوسِ هدايت غوثِ پاڪ سرتاپا شرافت غوثِ پاڪ
سرتاجِ شريعت غوثِ پاڪ هين مخزنِ عظمت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

## (۲)اَنبياء ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جون بِشارتون

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي والد صاحب کي نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عِلاوه بہ سيني نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام هي بِشارت ڏني تہ تمام اَولياءُالله توهان جي فَرزَندِ اَرجُمَند جا فرمانبردار تيندا ۽ انهن جي گردنن تي سندن مُبارَڪ قدم هوندو. (تفريح الخاطر،ص ۵۷،مفهوماو ملخصاً)

جس کی مِنْبر بنی گردنِ اَوْلیا اُس قَدم کی کَرامت پہ لاکھوں سَلا م

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ اسان جي غوثِ پاڪ، شهنشاهِ بغداد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو شان ۽ مان ڪيتري قَدَر اوچو ۽ بُلند آهي جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي پيدا ٿيندي ئي غيب ٻڌائڻ واري آقا، مکي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي بُلند مَرتبي ۽ شان ۽عَظَمت جي بِشارت ڏئي ڇڏي هئي ۽ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي والدِ مُحتَرم کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ توهان جو فرزند سمورن ولين جو سردار ٿيندو.جيئن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي پيدا ٿيندا ئي برڪات

۾ تَجليات جو ظُهور شُروع ٿي ويو.

## وِلادَتِ با سَعادَت ۾ حَيرت اَنگيز واقعا

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي وِلادَتِ باسَعادَت جي وَقت ڪئي حَيرت اَنگيز واقعا ڏسڻ ۾ آيا، سڀ کان وڏي ڳالهه تہ هي آهي جو جڏهن پاڻ رَونق اَفروز ٿيا، ان وَقت سندن جي والده ماجِده حضرت اُمُّ الْخَير فاطِمه رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيها جي عُمر سٺ (60) سالن جي هئي، جڏهن تہ هن عُمر ۾ عام طور تي عورتن کي اَولاد کان نااُميدي ٿي ويندي آهي. (بهجة الاسرار،ص ١٤٣، مُقدمه غنية الطالبين،ص ١٠ بتغير قليل)

اهو الله تعاليٰ جو خاص فَضل هو جو هن عُمر ۾ حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي ماءُ جي بَطَنِ مُبارَڪ مان پيدا ٿيا_ جنهن رات حُضُور غوثِ اعظم دَستگير،پيرانِ پير رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي وِلادَت ٿي، ان رات جِيلان شريف جي جنهن عورتن کي بار پيدا ٿيو انهن سيني کي الله ڪريم جَلَّ جَلَالُه پٽ ئي عطا فرمايا ۽ هر نئون پيدا ٿيڻ وارو ڇوڪرو الله عَزَّوَجَلَّ جو وَلي بڻيو. (تفريح الخاطر،ص٥٧،مفهوماً)

دُودھ ماں کا نہ پیا آپ نے رَمضانوں میں آپ بچپن سے سمجھدار ہیں غوثِ اعظم
حَشْر تک گائیں گے ہم گیت تمہارے مُرشِد ہم تمہارے جو نمک خوار ہیں غوثِ اعظم

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ درياءِ ڪرامت غوثِ پاڪ
ولين تي حڪومت حڪومت غوثِ پاڪ فرماؤحمايت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

## غوثِ اعظم جو حُليو

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جو حُليو بيان ڪندي اَبُو عَبدُالله بن اَحمد بن قُدَامَہ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: شَيخُ الاسلاَم، سُلطَانُ الاولِياء، مُحي الدّين، سَيد

عَبدُالقَادِر جيلاني رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیه نَازُڪ بَدن، وچولو قد، ڪشادو سِينو، ڪشَادي ۽ ڊگهي ڏاڙهي ۽ گندمي رنگ جا مالڪ هئا. پاڻ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیه جا ڀِرون مليل هئا، آواز مُبارَڪ بُلَند ۽ چهرو نهايت ئي حَسِين هو. پاڻ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیه نهايت ئي ذهين هئا. (نزہۃ الخاطرالفاتر ، ص۱۹)

## ماءُ جي پيٽ ۾ عِلم

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي ،عاشقِ اولياء وغوثُ الوريٰ،حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي رسالي **”مُنّي جو لاش“** جي صفحي 4 تي فرمائن ٿا: پنج سالن جي عمر ۾ جڏهن پهريون ڀيرو **بِسمِ الله** پڙهڻ جي رسم جي لاءِ (حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیه) ڪنهن بزرگ وٽ وينا تہ **اَعُوذ** ۽ **بِسمِ الله** پڙهي **سورة الفاتحه** ۽ **الٓمّ** کان وٺي ارڙهن سيپارا پڙهي ٻُڌائي ڇڏيا. ان بزرگ چيو: پٽ! اجا پڙهو. فرمايائون: بس مون کي ايترو ئي ياد آهي ڇو تہ منهنجي امڙ کي بہ ايترو ئي ياد هو، جڏهن آءُ پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ هئس ان وقت پاڻ پڙهنديون هيون، سو مون ٻُڌي ياد ڪري ورتو هو. (رسالہ منے کی لاش ص۴ بحوالہ الحقائق فی الحدائق ص۱۴۰)

میرے مرشد مری سرکار ہیں غوثِ اعظم
میرے رہبر مرے غمخوار ہیں غوثِ اعظم
ہو کرم! حُسنِ عمل آہ! نہیں ہے کوئی
نہ وظائف ہیں نہ اَذکار ہیں غوثِ اعظم
حشر کے روز ہماری بھی شَفاعت کرنا
آہ! ہم سخت گنہگار ہیں غوثِ اعظم

## ابتدائي تعليم

اجا حضور غوث پاڪ ..... ننڍا ئي هئا ته سندن جي والدِ محترم حضرت سَيّد ابوصالح موسيٰ جنگي دوست رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه انتقال ڪري ويا، سندن ناني سڳوري حضرت عبدُالله صومعي رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه سندن پرورش ڪئي جيڪي جِيلان شريف جي مشائخن منجهان هئا ۽ نهايت متّقي ۽ پرهيزگار هئڻ سان گڏو گڏ صاحبِ فضل ۽ ڪمال به هئا. انهن ئي کان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه ابتدائي تعليم ۽ تَربِيت حاصل ڪئي.

حُضُور پرنور، محبوبِ سبحاني، شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه کان ڪنهن پڇيو: توهان کي پنهنجو ولي هجڻ ڪڏهن معلوم ڪان معلوم ٿيو؟ ارشاد فرمايائون: منهنجي عمر ڏهن (10) سالن جي هئي، مان پنهنجي گهر مان مڪتب (يعني مدرسي) ۾ پڙهڻ ويندو هئس ته ملائڪن کي ڏسندو هيس جيڪي ٻوڪرن کي چوندا هئا ته الله عَزَّ وَجَلَّ جي ولي جي ويهڻ جي لاءِ جڳهه ڪشادي ڪريو. (بهجة الاسرار، ذکر کلمات اخبربها...الخ، ص۴۸)

خدا کے فضل سے ہم پر ہے سایہ غوثِ اعظم کا　　ہمیں دونوں جہاں میں ہے سہارا غوثِ اعظم کا

بَلِیّات و غم و اَفکار کیوں کر گھیر سکتے ہیں　　سروں پر نام لیووں کے ہے پنجہ غوثِ اعظم کا

مُخالِف کیا کرے میرا کہ ہے بیحد کرم مجھ پر　　خدا کا، رَحْمَۃٌ لِّلْعٰلَمِیْن کا غوثِ اعظم کا

فرشتے مدرسے تک ساتھ پہنچانے کو جاتے تھے　　یہ دربارِ الٰہی میں ہے رُتبہ غوثِ اعظم کا

الله جي رحمت　غوثِ پاڪ　ٿئي اسان تي عنايت　غوثِ پاڪ
آهن باعثِ برڪت　غوثِ پاڪ　ڪمزور جي طاقت　غوثِ پاڪ

♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي اباڻي علائقي ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ عِلمِ دِين جي وڌيڪ جُستجو ڪٽي 488 هجري ۾ 18 سالن

جي عمر ۾ بغداد شريف تشريف کڻي ويا. (سير الاقطاب،ص١٥٩) چو تہ بغداد ئي انهن ڏينهن ۾ علمي ۽ سياسي اعتبار سان مسلمانن جو مرڪز هو. جيئن

## عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ڏانهن اشارو

شيخ محمد بن قائدالاَوَاني رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري مان غوثِ صمداني، شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي بارگاهہ ۾ حاضر هئس، مون پاڻ........ کان مختلف معاملن جي باري ۾ سوال ڪيا، انهن مان هڪ سوال هي بہ هو تہ حُضُور! اوهان پنهنجي معاملن جو بُنياد ڪهڙي شيء تي رکيو آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه ارشاد فرمايو: تہ مون پنهنجن معاملن جو بُنياد صِدق ۽ سچّائي تي رکيو آهي، مون ڪڏهن بہ ڪوڙ ۽ غلط بياني کان ڪم ناهي ورتو، ننڍپڻ ۾ جڏهن مان مدرسي ۾ پڙهندو هئس، ان وقت بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو، پوءِ فرمايائون: مون هڪ ڏينهن حج جي ڏينهن ۾ جنگل ڏانهن ويس، مان هڪ ڍڳي (Bull) جي پويان پويان هلي رهيو هئس تہ اوچتو ان ڍڳي (Bull) مون ڏانهن ڏسي چيو: يا عَبْدَالْقَادِرِ مَالِهٰذَا خُلِقْتَ يعني اي عبدُالقادر! توهان کي هن قسم جي ڪمن جي لاءِ تہ پيدا ناهي ڪيو ويو، مان گهبرائجي گهر آيس ۽ پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي ويس، ڇا تہ ڏسان تہ ميدانِ عرفات ۾ ماڻهو بيٺا آهن، ان کان بعد آئون پنهنجي امڙ سائيڻ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو، اوهان مون کي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ وَقف ڪري ڇڏيو ۽ مون کي بغداد وڃڻ جي اجازت عطا ڪيو تہ جيئن مان اتي وڃي عِلمِ دين حاصل ڪيان،والده ماجدهرَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيهَا مون کان ان جو سبب پڇيو تہ مون ڍڳي (Bull) وارو واقعو عرض ڪيو، ان تي انهن جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ هوء 80 دِينار جيڪي منهنجي والدِ ماجد جي وراثت هئا مون وٽ کڻي آيون، مون انهن کان 40 دِينار ورتا ۽ 40 دِينار پنهنجي ڀاءُ سَيّد ابو احمد جيلاني جي لاءِ ڇڏيا، والده ماجده منهنجي چاليهہ (40) دِينار منهنجي گُدڙي (يعني گهٽيون ڇتيون لڳل مخصوص قسم جي جُبّي

۾ سبي ورتا ۽ مون کي بغداد وڃڻ جي اجازت عنايت فرمائي ڇڏي ۽ مون کي هر حال ۾ سچ ڳالهائڻ جو تاڪيد ڪيو ۽ جِيلان جي ٻاهران تائين مون کي ڇڏڻ جي لاءِ آيون ۽ فرمايائون:وَلَدِیْ اِذْهَبْ فَقَدْ خَرَجْتُ عَنْكَ لِلّٰهِ فَهٰذَا وَجْهٌ لَااَرَاهُ اِلٰی یَوْمِ الْقِیَامَةِ يعني اي منهنجا پيارا پٽ، وڃو! الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ خُوشنودي جي خاطر مان توهان کي پاڻ وٽان جُدا ڪيان ٿي ۽ هاڻي مون کي اوهان جو چهرو قيامت ۾ ئي ڏسڻ نصيب ٿيندو. پوءِ مان بغداد وڃڻ واري هڪ ننڍي قافلي سان گڏ روانو ٿيس، جڏهن اسان همدان کان اڳتي وڌياسين ته سٺ (60) گهوڙي سوار ڌاڙيلن قافلي کي اچي گهيراء ڪيو ۽ قافلي وارن کي ڦرڻ شُروع ڪيو، مون سان ڪنهن زور زبردستي نه ڪئي، البت انهن مان هڪ شخص مون کان پڇيو ته توهان وٽ ڇا آهي؟ مون سچ ڳالهائيندي چيو ته مون وٽ چاليهه (40) دِينار (يعني سون جا سِڪا) آهن. ان پڇيو: ڪٿي آهن؟ مون ٻڌايو: منهنجي بغل هيٺ منهنجي گُدڙي ۾ سِبيَل آهن، هو هن ڳالهه کي مذاق سمجهي مون وٽان هليو ويو، ٿوڙي دير بعد هڪ ٻئي شخص اچي اهي ئي سُوال ڪيا ۽ مون ساڳيا جواب ڏنا، هو شخص به مون وٽان هليو ويو، انهن ٻنهين جڏهن پنهنجي سردار کي اها ڳالهه ٻڌائي ته ان جي حڪم تي مون کي ان وٽ وني ويا، ان وقت اهي سڀ ماڻهو لُٽيل مال پاڻ ۾ ورهائي رهيا هئا، مون کي ڏسي انهن جي سردار پڇيو ته توهان وٽ ڇا آهي؟ مون ٻڌايو: مون وٽ منهنجي گُدڙي ۾ چاليهه (40) دينار آهن. سردار جي چوڻ تي منهنجي گُدڙي کولي وئي ته ان مان واقعي چاليهه (40) دِينار نڪتا، سردار سخت حيران ٿيو ۽ مون کان پڇا ڪئي: مَاحَمَلَکَ عَلَي هٰذا الاِعتِرَافِ يعني توهان کي انهن دِينارن جو اعتراف ڪرڻ تي ڪهڙي شيء مجبور ڪيو؟ (يعني توهان چاهيو هئا ته اسان کي نه ٻڌايو هئا) مون چيو ته منهنجي والده مون کان عهد ورتو هو ته مان هميشه سچ

ٻالهايان ۽ ڪڏهن ان عهد جي خلاف ورزي نہ ڪيان، اهو ٻڌي ان سردار جي اکين مان لڙڪ نڪري آيا ۽ چوڻ لڳو تہ هڪ توهان آهيو جو پنهنجي ماء سان ڪيل عهد بہ نڀائي رهيا آهيو ۽ هڪ مان آهيان جو سالن کان وٺي پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ جي عهد جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهيان، هن ان وقت منهنجي هٿ تي توبہ ڪئي، ان جي ساٿين جڏهن هي ماجرو ڏٺي تہ چوڻ لڳا تہ اسان لٽ مار ۾ توهان سان گڏ هئاسين، تہ توبہ ڪرڻ ۾ بہ توهان سان گڏ رهنداسين، پوءِ انهن سڀني توبہ ڪئي ۽ لُٽيل مال قافلي وارن کي واپس موٽائي ڏنو، اهي ئي اهي ماڻهو هئا جن سڀ کان پهريان منهنجي هٿ تي توبہ ڪئي. (قلائد الجواهر، ص٨ ،ملخصاً وبغير قليل)

چور حاکم سے چھپا کرتے ہیں یاں اس کے خلاف تیرے دامن میں چھپے چور انوکھا تیرا
بد سہی چور سہی مجرم و ناکارہ سہی اے وہ کیسا ہی سہی ہے تو کریما تیرا
تُو جو چاہے تو ابھی میل مرے دل کے دُھلیں کہ خُدا دل نہیں کرتا کبھی میلا تیرا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ڏياريو جنّت غوثِ پاڪ ڏيو گناهن کان نفرت غوثِ پاڪ
ڏيو شوقِ عبادت غوثِ پاڪ سرڪار جي اُلفت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان خبر پئي تہ اسان جي سرڪارِ بغداد، حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جو ايتري قدر شوق هو جو ان جي خاطر پاڻ نہ صرف گهر ٻار کي خير باد چئي ڇڏيو پري جو سفر اختيار ڪيو بلڪ پنهنجي شفيق والده جي جُدائي بہ برداشت

ڪئي. سندن والده رَحمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيها جي قرباني بہ صد مَرحبا! جو نہ رڳو پنهنجي جگر جي ٽڪري جي جُدائي جي غم کي نظر انداز ڪندي انهن کي عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جي اجازت عطا ڪئي بلڪ پنهنجي شهزادي کي علم حاصل ڪرڻ ۽ علم جي خدمت جي لاءِ اهڙو وقف ڪيو جو سفر تي رُخصت ڪندي واضح طور تي فرمايو: يَا وَلَدِیْ اِذْهَبْ فَقَدْ خَرَجْتُ عَنْكَ لِلّٰهِ فَهٰذَا وَجْهٌ لَاۤ اَرَاهُ اِلٰی یَوْمِ الْقِیَامَةِ يعني اي منهنجا پيارا پٽ وڃو! مان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ توهان کان جُدائي اختيار ڪيان ٿي، تنهنڪري هاڻي قيامت تائين توهان جو هي چهرو نہ ڏسندس.

غوثِ پاڪ، شهنشاهِ بغداد رَحمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيه جي والده ماجده غوثِ پاڪ کي نہ صرف سفر جي اجازت ڏني بلڪ خرچ بہ ڏنائون، هتي اهي عاشقانِ رسول ۽ عاشقانِ غوثِ اعظم غور ڪن تہ جيڪي دُنيوي تعليم ۽ ڪاروبار جي لاءِ تہ اولاد کي مال ۽ دولت ڏيندا آهن، پر دِيني تعليم ۾ مدد ناهن ڪندا.هن واقعي مان هي بہ معلوم ٿيو تہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيه صِدق ۽ سچّائي جا ڪيتري قدر پيڪر هئا جو پاڻ پنهنجي عُمر جي ڪنهن حِصّي ۾ بہ ڪوڙ جو سهارو نہ ورتو، پنهنجن سمورن مُعاملن جو بُنياد سچّائي ۽ ديانتداري تي رکيو جنهن جو هڪ وڏوسبب سندن جي نيڪ سيرت والده حضرت سَيدَتُنا اُمُّ الخير فاطمہ رَحمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيهَا جي عُمده تَربِيت بہ آهي، جيئن تہ اسان پڙهو تہ سندن والده ماجده رَحمَةُ اللهِ تَعَالىٰ عَلَيهَا اوهان کان هميشہ سچّائي تي قائم رهڻ جو عهد ورتو، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجن ٻارن جي اسلامي تَربِيت ڪريون، پاڻ بہ هميشہ سچ ڳالهايون ۽ انهن کي بہ ننڍپڻ ئي کان سچ ڳالهائڻ جي ترغيب ڏنيون.

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪوڙ کان بچڻ

۽ سچائي جو رستو اختيار ڪرڻ بابت تاڪيد ڪندي ارشاد فرمايائون: سچائي کي لازم ڪري وٺو، ڇوته سچائي نيڪي ڏانهن وٺي ويندي آهي ۽ نيڪي جنت جو رستو ڏيکاري ٿي. انسان مسلسل سچ ڳالهائيندو رهندو آهي سچ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي، ايستائين جو هو الله تعاليٰ جي ويجهو صدّيق لکيو ويندو آهي ۽ ڪوڙ کان بچو، ڇوته ڪوڙ گُناهه ڏانهن ڪٺي ويندو آهي ۽ گُناهه جهنّم جي راهه ڏيکاريندو آهي ۽ انسان لڳاتار ڪوڙ ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ايستائين جو هو الله تعاليٰ وٽ گهڻو ڪوڙ لکيو ويندو آهي.

(مسلم ،ڪتاب البر و الصلة،باب قبح الڪذب و حسن الصدق وفضله،ص ١٤٠٥،حديث:٢٦٠٧)

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ خاص ڪري ٻارن ۽ عام طور وڏن جي مدني تَربِيت جي لاءِ سچيون ڪهاڻيون لکيون آهن، جنهن ۾ نهايت ئي پيارا پيارا عنوان آهن، انداز به نهايت آسان رکيو آهي ته ٻار به آساني سان سمجهي سگهن، هنن رسالن ۾ انتهائي عُمده صفحات استعمال ڪرڻ سان گڏو گڏ جڳهه جڳهه تي تصويري خاڪا به ٺاهيا ويا آهن ته جيئن ٻارن جي لاءِ ڪشش ۽ پڙهڻ ۾ دِلچسپي ٿئي، ٻارن جون اهي ڪهاڻيون مڪتبةُ المدينه تان هديةً طلب ڪيو ۽ جيڪڏهن ويب سائٽ تان پڙهڻ چاهيو ته دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان اوهان انهن ڪهاڻين کي پڙهي به سگهو ٿا، ڊاؤن لوڊ به ڪري سگهو ٿا ۽ ان جو پرنٽ به ڪڍي سگهو ٿا، انهن رسالن جا نالا هي آهن (1) نور وارو چهرو (2) فرعون جو خواب (3) ٻٽ هجي ته اهڙو (4) ڪوڙو چور (5) ڪير پياڪ مدني مُنّو

”نور وارو چهرو“ اوهان پڙهندو يا ٻارن کي پڙهائيندو ياٻڌائيندو ته اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ دل ۾ **پياري نبي، رسولِ هاشمي**، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ شريف جا واقعا ٻڌي اوهان جي محبت وڌندي ۽ **ويڊيو گيمز جي دِيني ۽ دُنيوي نُقصانن** کان بہ آگاهي تيندي.

”فرعون جو خواب“ اوهان پڙهندو يا ٻارن کي پڙهائيندو ياٻڌائيندو ته اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ حضرتِ سَيدُنا موسيٰ **ڪليمُ الله** عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي شان ۽ عظمت بابت ڄاڻ ملندي ۽ **ڪولڊ ڊرنڪس**(Cold Drinks) جي **نُقصانن** جي باري ۾ بہ مفيد ترين معلومات حاصل تيندي.

**”پٽ هجي تہ اهڙو“** اوهان پڙهندو يا ٻارن کي پڙهائيندو ياٻڌائيندو ته اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خبر پوندي تہ حضرتِ سيدنا اسماعيل عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڪهڙي طرح پنهنجي پاڻ کي قرباني جي لاءِ پيش ڪيو ۽ پوءِ ڪهڙي طرح جنّتي دُنبو اوهان جي لاءِ، الله عَزَّوَجَلَّ موڪليو، حضرتِ ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جا خُصُوصي فضائل بہ معلوم تيندا ۽ ٹافيون، چاڪليٽس ۽ رنگ برنگي **ڪٽي مِٺي گوريون** کائڻ جي **نُقصان** بابت ڄاڻ ملندي.

**”ڪوڙو چور“** رسالو جيڪڏهن اوهان پڙهندو يا ٻارن کي پڙهائيندو يا ٻڌائيندو تہ اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اوهان کي بہ ۽ ٻارن کي بہ ڪوڙ کان نفرت تيندي ۽ سچ ڳالهائڻ ڏانهن رغبت وڌندي ۽ ان رسالي جي آخر ۾ جيڪي مدني گل لکيل آهن، ان مان ظاهر ۽ باطن صاف رکڻ جي تَربِيت بہ تيندي. اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

مرے غوث کا وسیلہ رہے شاد سب قبیلہ اِنہیں خُلد میں بسانا مَدنی مدینے والے

مرے جس قدر ہیں اَحباب اُنہیں کردیں شاہ بیتاب ملے عِشق کا خزانہ مَدنی مدینے والے
مِری آنیوالی نسلیں ترے عشق ہی میں مچلیں اُنہیں نیک تُو بنانا مَدنی مدینے والے
(وسائل بخشش429)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بغداد پهچي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه وقت جي معروف و مشهور ۽ انتهائي ماهر اُستادن وٽان عِلمِ دين حاصل ڪيو، پاڻ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه کي عِلمِ دين سان ايتري قدر محبت هئي جو پاڻ فاقه ڪشي ۽ تڪليفون برداشت ڪري به علم حاصل ڪيو، اچو! انهيءَ مناسبت سان سندن عِلمِ دين سان محبت ۽ ان جي راهه ۾ ايندڙ مشڪلاتن تي صبر جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن ته

## فاقو ڪشيءَ صبر

حضرت سَيِدُنا ابو بڪرتميمي رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه بيان ڪن ٿا ته حُضُورغوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللہ تَعَالٰی عَلَیْه خُود فرمائن ٿا ته هڪ دفعي بغداد ۾ ڏڪار پئجي ويو، جنهن جي ڪري مون کي نهايت تنگدستي ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين مونکي کائڻ پيئڻ جي لاءِ ڪجهه نه مليو. هڪ ڏينهن بک جي شِدّت جي ڪري مان درياءِ دِجْلَہ ڏانهن ويس، ته جيئن اتي ساڳ يا ڪنهن سبزي جا پن کائي سگهان، پر جتي ويندو هئس اتي مون کان پهريان ڪيئي فقير موجود هوندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ انهن کي ملندي هئي ته ان تي سيني جو ميڙ ٿي ويندو هو، مون انهن سان مزاحمت ڪرڻ پسند نه ڪيو ۽ انهيءَ حالت ۾ شهر موٽي آيس ته اتي ڪا شيءِ تلاش ڪيان، پر اتي به ڪجهه نه مليو، نيٺ آئون بک سان بي حال ٿي مسجد جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيس، اجا توڙي ئي

دير گذري هئي جو هڪ عجمي (يعني غيرِ عربي) نوجوان ماني ۽ پُڪل گوشت کڻي مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ کائڻ لڳو، پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ان جي هر گرھ تي بک جي شِدّت سبب منهنجو وات کلي ويندو هو، پر مون پنهنجي نفس کي ان حرڪت تي ملامت ڪئي، ايتري ۾ ان مون ڏانهن نهاريو ۽ کاڌو کڻي مون کي پيش ڪيو، ان مون کان پڇيو ته اوهان ڪٿي جا رهڻ وارا آهيو ۽ ڇا ڪندا آهيو؟ مون ٻڌايو ته جِيلان ۾ رهان ٿو ۽ هتي علمِ دين حاصل ڪندوآهيان . ان مون کان پڇيو: ڇا اوهان جيلان سان تعلق رکندڙ عبدُالقادر نالي ڪنهن نوجوان کي سڃاڻو ٿا؟ مون چيو ته اهو مان آهيان، اهو ٻڌي هو بي چين ٿي ويو ۽ مون سان معذرت ڪندي چوڻ لڳو ته اوهان جي والده محترمہ منهنجي هٿان اوهان جي لاءِ اٺ (8) دِينار موڪليا هئا جڏهن آئون بغداد آيس، ان وقت مون وٽ پنهنجو ذاتي خرچ موجود هو، پر اوهان کي ڳولهيندي ايترا ڏينهن گُذري ويا جو مون وٽ منهنجو ذاتي خرچ ختم ٿي ويو، مون کي بک ڪٽيندي اڄ ٽيو ڏينهن هو، مجبور ٿي اوهان جي امانت مان هڪ وقت جي کائڻ جي لاءِ ماني ۽ هي گوشت وٺي آيو آهيان، هاڻي اوهان خُوشي سان هي کاڌو کائو، ڇوته هي سڀ ڪجهه حقيقت ۾ اوهان جو ئي آهي، هاڻي اوهان منهنجا نہ بلڪ مان اوهان جو مهمان آهيان، پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته مون ان کي تسلّي ڏني ۽ ان کي هن ڳالھ تي پنهنجي رضامندي ظاهر ڪئي، جڏهن اسان کاڌو کائي فارغ ٿياسين ته مون باقي کاڌو ۽ ڪجھ مال ان کي ڏئي موڪلايو. (قلائد الجواہر ص۹ملخصاً)

مجھے اپنی چوکھٹ کا کتّا بنا لو ہمیشہ رہوں باوفا غوثِ اعظم
ترے آستاں کا ہوں منگتا گزارہ ہے ٹکڑوں پہ تیرے مرا غوثِ اعظم

| | | | |
|---|---|---|---|
| آهن باعثِ برڪت | غوثِ پاڪ | ڪمزور جي طاقت | غوثِ پاڪ |
| آهن صاحبِ عزّت | غوثِ پاڪ | مجبور جي راحت | غوثِ پاڪ |

♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

# مصيبتن جو ميڙ۽ صبر جو انداز

منا منا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ اللّٰهعَزَّ وَجَلَّ! اوهان ملاحظ فرمايو ته قُطبِ رباّني، غوثِ صَمداني، قِنديلِ نُوراني، شهبازِ لامکاني حضرتِ سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيتري قدر مصيبتون ۽ تڪليفون ۽ بک برداشت فرمايائون ۽ ان عالَم ۾ به پاڻ رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه تقويٰ ۽ پرهيز گاري،صبر ۽ ايثار جو دامن نه ڇڏيو بلڪ جيڪڏهن ڪٿان ڪان ڪجھ کائڻ جي لاءِ ملي به ويندو هو ته همدردي ۽ خير خواهي جو جذبو ڏيکاريندي ٻين تي ايثار ڪندا هئا ۽ پاڻ صبر سان ڪم وٺندا هئا. عِلمِ دين جي راهه ۾ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه ڪي ڪيتري قدر مصيبتن ۽ تڪليفن کي ڏسڻو پيو، ان جو اندازو هن ڳالھ مان لڳايو ته شيخ عبدُ اللّٰه نجّاررَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته مون کي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيه خود ٻڌايائون ته مون تي اهڙيون اهڙيون مصيبتون به آيون جو جيڪڏهن اهي مصيبتون جبلن تي نازل ٿين ها ته جبل به ذرو ذرو ٿي وکري وڃن ها، جڏهن انهن مصيبتن جي ڪثرت منهنجي برداشت جي قوت کان ٻاهر ٿي ويندي هئي ته مان زمين تي ليٽي پوندو هئس ۽ هي آيت سڳوريون تلاوت ڪندو هئس:

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝۵ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝۶ (پ ۳۰،الم نشرح:۵،۶)

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ بيشڪ ڏک سان گڏ سُک آهي. بيشڪ ڏک پنيان سُک آهي.

۽ جڏهن هنن آيتن جي تلاوت ڪان بعد مٿو مٿي ڪڻندو هئس ته سڀيون تڪليفون پري ٿي ونديون هيون ۽ مون کي سڪون ۽ اطمينان محسوس ٿيندو هو. (قلائد الجواهر ص۱۰)

## شوقِ علمِ دين

حضرتِ سَيدُنا شَيخ عَبدُ القادِر جِيلاني رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه جي عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ جو انداز تمام نِرالو هو، پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: مان پنهنجي طالِبِ عِلمي جي زماني ۾ استادن ڪان سبق وٺي جنگل ڏانهن نڪري ويندو هئس، پوءِ بَيابانن ۽ وِيرانن ۾ ڏينهن هجي يا رات، آنڌي هجي يا مُوسلا ڌار برسات، گرمي هجي يا سردي پنهنجو مُطالَعو جاري رکندو هئس، ان وقت مان پنهنجي مٿي تي هڪ ننڍڙو عِمامو ٻڌندو هئس ۽ معمولي سبزي کائي پيٽ جي بک مٽائيندو هئس، ڪڏهن ڪڏهن هي سبزي به نه ملندي هئي، ڇوته بک جي ڪري ٻيا فقير به هوڏانهن جو رُخ ڪندا هئا، اهڙي موقعن تي مون کي شَرم ايندو هو ته مان دَرويشن جي حق تلفي ڪيان، مجبوراً اتان هليو ويندو هئس ۽ پنهنجو مُطالعو جاري رکندو هئس، پوءِ ننڊ ايندي هئي ته خالي پيٽ ئي پٿرين ڪان پريل زمين تي سمهي رهندو هئس. (قلائد الجواهر، ص١٠ملخصاً)

مرا حُبِّ دُنیا سے پیچھا چُھڑا دے ۔ عطا اپنی اُلفت تُو کر غوثِ اعظم
شہا نفسِ امّارہ مغلوب ہو اَب ۔ ہو شیطان کا دُور شَر غوثِ اعظم
زَباں پر رہے میری یا پیر و مرشِد ۔ ترا ذِکر آٹھوں پَہر غوثِ اعظم

ڏياريو جنّت غوثِ پاڪ ڏيو بدين ڪان نفرت غوثِ پاڪ
ڏيوشوقِ عبادت غوثِ پاڪ سرڪار جي اُلفت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪيو ته ايترين مشقتن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪندي پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَيه عِلمِ دين حاصل ڪيو، ان جي باوجود ڪڏهن به

سندن مُبارَڪ زبان مان ڪي شڪوه ۽ شڪايت پريا لفظ نہ نڪتا. هن واقعي مان اسان کي هي قيمتي بغدادي گل ملن ٿا تہ جڏهن ڪا مصيبت ۽ پريشاني اچي تہ قرآن ۽ حديث ۾ بيان ڪيل صبر جي فضيلتن ۽ ترغيبن کي پيشِ نظر رکندي صبر سان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ اها ڳالهہ ذهن نشين رکڻ گهرجي تہ هي دُنيا آزمائشن جو گهر آهي، ان ۾ جتي بيشمار راحت آهي، اتي رنج ۽ غم جا جبل بہ آهن، آسانين سان گڏوگڏ مشڪل ترين واديون بہ آهن. اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن کان انسانيت وجود ۾ آئي آهي، ان وقت کان اڄ تائين عام مؤمنين بلڪ انبياءَ ۽ مرسلين عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ اولياء ڪاملين کي بہ راحتون ۽ خوشيون ملن سان گڏوگڏ طرح طرح جون آزمائشون ۽ مصيبتون پهچنديون رهيون، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي مُقرّب ٻانهن کي آسانين جي بدران مشڪلاتن کي گهڻو منهن ڏيڻو پوي ٿو، پر اهي پاڪ هستيون حرفِ شڪايت زبان تي آڻڻ جي بدران هميشہ خوش دلي سان مصيبت ۽ رنج برداشت ڪندا آهن بلڪ پنهنجي مُريدِين،مُحِبِّين، مُتَعَلِّقِين جي بہ مدني تربيت ڪندا آهن. تنهنڪري اسان کي بہ هنن بزرگ هستين جي نقشِ قدم تي هلندي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان ملندڙ نعمتن تي شڪر ۽ مصيبتن تي صبر ڪرڻ گهرجي.

قرآنِ ڪريم ۾ مختلف هنڌن تي صبر جا فضائل بيان ڪيا ويا آهن، اچو! صبر جي عادت اپنائڻ جي لاءِ بہ 2 فرمانِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۽بہ فرمان غوثِ پاڪ جي نانا جان، رحمتِ عالميان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحظ ڪيو.

اُولٰٓىِٕكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا (پ٢٠،القصص:٥٤)

ترجمو ڪنزالايمان: انهن کي سندن اجر ٻيڻو ڪري ڏنو ويندو سندن صبر جي بدلي.

وَ لَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْۤا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ضرور اسان صبر ڪرڻ وارن کي اهو صلو ڏيندا سي جيڪو

مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾ (پ۱۴،النحل:۹۶) انهن جي سڀ کان چڱي ڪم جي لائق هجي

نبين جي سُلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن مسلمان کي ڪو ڪندو لڳي يا ان کان به معمولي مصيبت پهچي، ته ان جي لاءِ هڪ درجو لکيو ويندو آهي ۽ ان جو هڪ گناهه مٽايو ويندو آهي.

(مسلم، كتاب البروالصلة ، باب ثواب المؤمن فيما...الخ،ص۱۳۹۱، حديث:۲۵۷۲)

نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جنهن سان ڀلائي جو ارادو ڪندو آهي، ان کي مصيبت ۾ مبتلا ڪندو آهي.

(بخارى، كتاب المرضى ، باب ماجاء كفارة المرض، ۴/ ۴، حديث: ۵۶۴۵)

ہے صبر تو خزانۂ فردوس بھائیو! عاشق کے لب پہ شِکوہ کبھی بھی نہ آ سکے

منا منا اسلامي ڀائرو! مصيبتن تڪليفن تي شِڪوو شڪايتون ڪرڻ ۽ هر وقت ماڻهن اڳيان پنهنجون پريشانيون ٻڌائڻ بدران آزمائشن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪندي صبر ۽ تَحَمُّل سان ڪم وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن اڄ اسان تي غم جا ڪڪر ڇانيل آهن ته سڀاڻي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ خُوشين ڀري برسات پڻ ٿيندي، اڄ مشڪلاتون آهن ته سڀاڻي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ آسانيون به ٿينديون، جيئن خُوشين جو وقت اچي گذري ويندو آهي، ائين ئي پريشانين جو وقت به گذري ئي ويندو، اهو ئي سبب آهي ته حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مصيبتن جي وقت اللهعَزَّوَجَلَّ جي هن فرمانِ عالي کي سامهون رکندا هئا:

اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿۶﴾ (پ ۳۰،الم نشرح:۵) ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ ڏک پٺيان سُک آهي.

۽ پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ ان صبر ۽ استقامت جو انهن کي اهو صِلو عطا فرمايو ته

پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه علم ۽ فضل ۾ پنهنجي زماني جي سيني عالمن ۽ مشائخن کان بزرگي ۽ عظمت ماڃي ويا.

## غوثِ اعظم جو حُليوءِ پڻ مان ۽ مرتبو

شيخ امام اَبُو عَبدُالله بن اَحمد بن قُدَامَہ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: شَيخُ الاسلَام، سُلطَانُ الاولِياء، مُحي الدّين، سَيد عَبدُالقَادِر جيلاني رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه عِلم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ڪيون_ پاڻ وقت جي ڪئي عالمن ۽ زماني جي مَشائخن وٽان عِلم پرايو. وقت جي مَشَائخن ۽ اَولِيائن جي صحبتن ۾ رهيا. جنهن جو نتيجو هي نڪتو تہ پاڻ پنهنجي زماني جي عالمن ۽ مشائخن ۾ سڀ کان وڏي مرتبي تي فائز ٿيا. تَحصِيلِ عِلم جي لاءِ پاڻ ڪيئي تڪليفون ۽ مَصيبتون برداشت ڪيون. آخِرڪار اوهان دُنيوي مُعَاملن کان لاتَعَلُّق ٿي يادِ الٰهي ۽ وَعظ و نصيحت ۾ مشغول ٿي ويا_ سڄي زماني ۾ اوهان جي واڪاڻ ٿيڻ لڳي، دِين جا مَنصب پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه جي وجہ سان ظاهر ٿي ويا، عِلم جا مَرتبا اوهان جي سبب بُلَند ٿيڻ لڳا ۽ شريعت جا لشڪر اوهان جي ڪري طاقتور ٿيڻ لڳا. عالمن جو وڏو تعداد پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه ڏانهن رُجُوع ڪيو ۽ سندن کان شاگردي جو شَرَف حاصل ڪيو، ڪيئي فُقَرَا، وڏن وڏن عالمن ۽ بلند رتبي وارا پيرانِ عُظام بہ اوهان کان خِلَافَت جو خرقو حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. (نزہۃ الخاطرالفاتر ، ص۱۹،۲۰ملخصاً)

تِرا ذَرّہ مہ کامل ہے یاغَوث تِرا قَطرہ یَم سائل ہے یاغَوث

کوئی سَالک ہے یا وَاصِل ہے یاغوث وہ کچھ بھی ہو تِرا سائل ہے یاغَوث

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## علمي مقام

حضرت سَيدُناشيخ محمد بن يحيىٰ التادفي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه عِلمِ دِين کان فراغت حاصل ڪري ورتي تہ درس ۽ تدريس جي مَسنَد ۽ اِفتاء جي منصب تي جلوه افروز ٿيا ۽ ان سان گڏوگڏ ماڻهن کي وعظ ۽ نصيحت ۽ علم ۽ عمل جي اشاعت ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا، پوءِ سڄي دُنيا کان عُلماء ۽ صُلحاء سندن بارگاهہ ۾ علم سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا، ان وقت بغداد ۾ سندن مرتبي جو ڪو نہ هو. (قلائد الجواہر ص ۵ملخصاً) اوهان علم جا سمندر هئا، سندن کي عِلمِ فقہ، عِلمِ حديث، عِلمِ تفسير، عِلمِ نَحو ۽ عِلمِ ادب وغيره عُلوم تي دسترس حاصل هئي، جڏهن پاڻ کي سندن استادن عِلمِ حديث جي سَنَد ڏني تہ فرمائڻ لڳا، اي عبدُالقادر الفاظِ حديث جي سَنَد تہ اسان اوهان کي ڏئي رهيا آهيون پر حقيقت هي آهي تہ حديث جي معني ۽ مفهوم جو سمجهڻ تہ اسان اوهان ئي کان سکيو آهي. (حيات المعظم فی مناقب غوث اعظم ص ٣٦ بتغير قليل)

منا منا اسلامي ڀائرو! حُضُور غوث ِپاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کي عِلمِ دِين ڦهلائڻ جو ايتري قدر ذوق ۽ شوق هو جو پاڻ پنهنجو وقت بالڪل ضائع نہ فرمائيندا هئا ۽ علمي ڪمن ئي ۾ اڪثر مصروف رهندا هئا، ٻين شهرن جا شاگرد بہ اوهان جي ساراهہ ۽ عُلوم ۽ فُنون ۾ مهارت جي شهرت ٻڌي اوهان وٽ عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ اوهان جي فيض مان برڪتون ماڻڻ جي لاءِحاضر ٿيندا رهيا، اوهان علم ۽ عمل جا اهڙا پيڪر هئاجو جيڪو بہ اوهان وٽ علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيندو هو، هو خالي هٿ نہ موٽندو هو، اچو!پاڻ...... جي علم ۽ عمل ۽ درس ۽ تدريس جون خوبيون ۽ علمي خدمتن جي باري ۾ ٻڌون ٿا،

## مَسنَدِ تَدرِيس

حضرت سَيدُنا قاضي ابو سعيد مُبارَڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جو بغداد ۾ هڪ مدرسو

www.dawateislami.net

هو، هو ان ۾ وعظ ۽ نصيحت ۽ علم حاصل ڪرڻ وارن ڪي علم سيکاريندو هو، جڏهن قاضي صاحب ڪي سندن علمي ۽ عملي فضل ۽ ڪمالات ۽ فهم ۽ فراست جي خبر پئي تہ قاضي صاحب پنهنجو مدرسو پاڻ......... جي حوالي ڪري ڇڏيو، پوءِ جڏهن ماڻهن اوهان جي فضل ۽ڪمال ۽ علمي مهارت جي شهرت ٻڌي تہ ماڻهن جو وڏو تعداد اوهان جي بارگاهہ ۾ عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيڻ لڳو. (سيرت غوث اعظم ص ۵۸ ملخصاً)

## تيرهن (13) عُلوم تي دسترس

صاحبِ بَهجَةُ الأسرار حضرت علامہ نورُ الدّين ابُوالحسن علي شَطنُوفي رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه تيرهن (13) علوم ۾ بيان ڪرڻ فرمائيندا هئا، سندن مدرسہ عاليہ ۾ ماڻهو اوهان کان تفسير، حديث، فِقہ ۽ عِلمُ الڪلام وغيره پڙهندا هئا، ٻنپهرن کان پهريان ۽ بعد ٻئي وقت ماڻهن کي تفسير، حديث، فِقہ، ڪلام، اُصول ۽ نَحو پڙهائيندا هئا ۽ ظهر کان پوءِ سندن تجويد ۽ قرات سان قرآنِ ڪريم پڙهائيندا هئا. (بہجةالاسرار، ص۲۲۵ ملخصاً)

## شاگردن سان محبت

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه علم ۽ عمل جا پيڪر ۽ زبردست حُسنِ اَخلاق جا مالڪ هئا، اوهان شاگردن تي نهايت شفقت ڪندا هئا، انهن جي ننڍين ننڍين ضرورتن جو بہ خيال رکندا هئا جيئن تہ

## طالبِ علم جي علم جي راهہ ۾ مدد

امام اِبنِ قُدَامَہ حنبلي رَحمَةُ الله تَعَالٰی عَلَیه جي بارگاهہ ۾ حضرت سَيدُنا غَوثُ

الاعظم، شيخ عبد القادر جيلاني رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه جي باري ۾ سُوال ڪيو ويو تہ پاڻ جواب ڏنو تہ اسان سندن جي عمر جو آخري حصو ڏٺو ۽ اوهان جي مدرسي ۾ مقيم رهياسين ، اسان جو اهڙي طرح خيال رکيو ويندو هو جو ڪڏهن غوثِ اعظم رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه پنهنجي شهزادي حضرت سَيدُنا يحييٰ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه کي اسان ڏانهن موڪليندا هئا، اهي اسان لاءِ چراغ روشن ڪندا هئا ۽ پاڻ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه اسان لاءِ پنهنجي گهران کاڌو موڪليندا هئا. ( سير اعلام النبلاء،الشيخ عبد القادربن ابي صالح ،۱۵/۱۸۳)

ترے دَر سے ہے منگتوں کا گزارا یا شہِ بغداد
یہ سُن کر میں نے بھی دامن پَسارا یا شہِ بغداد
شَہا! خَیرات لینے کو سلاطینِ زمانہ نے
تِرے دربار میں دامن پَسارا یا شہِ بغداد

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ حضور غوثِ پاڪ رَحمَةُ الله تَعَالیٰ عَلَيه علمِ دين سکڻ واري شاگردن تي ڪيتري شفقت فرمائيندا هئا جو انهن جي لاءِ پنهنجي گهران کاڌو موڪليندا هئا، تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ دِيني شاگردن جي ضرورتن جو پنهنجي پنهنجي استطاعت مطابق خُوب خُوب خيال رکندا ڪريون، مثال طور جنهن کان ٿئي خاص ڪري غريب طلبہ ڪرام جي لاءِ دِيني ڪتاب، ڪپڙا، موسِم جي لحاظ کان رهائش جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۾ رِضاءِ اِلٰهي ۽ ٻين سٺين سٺين نيتن سان پنهنجو حصو ملائي دِين جي مدد ڪرڻ وارن جي صف ۾ اسان بہ شامل ٿي وڃون، ڇا خبر تہ هن نيڪ عمل جي برڪت سان اسان جو پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ اسان کان سدا جي لاءِ راضي ٿي وڃي، ڇا خبر تہ هن نيڪ عمل جي برڪت سان اسان کي حتمي بخشش جو پروانو ملي وڃي، ڏسو! جهڙي طرح اسان پنهنجن ٻارن کي سٺي کان سٺو کاڌو کارائڻ پسند

ڪيون ٿا، سني ڪان سنو لباس پهريندي ڏسڻ پسند ڪندا آهيون، ٿورو سوچيو! سردي جي موسم ۾ اسان پنهنجن ٻارن جو ڪيترو خيال رکندا آهيون ته ڪٿي منهنجي پياري کي سردي نه لڳي وڃي، منهنجي پٽ جي طبيعت ته اهڙي آهي جو نه ئي ٿوري ٿڌي هوا برداشت ڪري سگهي ٿو، نه ئي گرم هوا جو هلڪو جهونڪو، اهڙي طرح علمِ دِين حاصل ڪرڻ واري طلبه ڪرام جي لاءِ به غور ڪريون ته انهن کي به ڪيئي بنيادي زندگي جي ضرورتون هونديون جيڪي هر هنڌ آساني سان دَستياب نه ٿينديون هونديون.

اڄ اسان جنهن حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه جي وڏي يارهين شريف ملهائي رهيا آهيون، انهن جوديني طلباء ڪِرام تي شفقت جو هڪ پهلو هي به هو ته پاڻ انهن جي ڪمزورين کي نظر انداز ڪندا هئا، جيئن ته حضرت سَيدُنا شيخ احمد بن مُبارَڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا ته پاڻ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه وٽ هڪ عجمي طالبِ علم هو، اهو نهايت ئي گهٽ ذهن وارو هو، وڏي مشڪل سان ڪا شيء ان کي سمجهه ايندي هئي، هڪ دفعي اهو طالبِ علم اوهان وٽ ويهي سبق پڙهي رهيو هو ته ابنِ سَمحَل نالي هڪ شخص حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه جي زيارت جي لاءِ حاضر ٿيو، جڏهن ان هن طالبِ علم جي ڪند ذهني ۽ سندن جي ان جي ڪند ذهني تي صبر ۽ تَحَمُّل ڏٺو ته ان کي ڏاڍي حيرت ٿي، جڏهن اهو طالبِ علم اتان ڪان هليو ويو ته ابنِ سَمحَل عرض ڪيو ته ان طالبِ علم جي ڪند ذهني ۽ اوهان جي صبر تي مون کي حيرت آهي، پاڻ فرمايائون ته منهنجي محنت ان سان بس هڪ هفتي ڪان به گهٽ آهي ڇوته ان طالبِ علم جو انتقال ٿي ويندو.

حضرت سَيدُنا احمد بن مُبارَڪ رَحْمَةُ الله تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا ته ان ڏينهن کان اسان ان طالبِ علم جا ڏينهن ڳڻڻ شُروع ڪيا ۽ جڏهن هڪ هفتو پورو ٿيو ته آخري ڏينهن واقعي ان جو انتقال ٿي ويو. (قلائد الجواہر ص ٨ ملخصاً)

www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فتويٰ نويسي جا بادشاه

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ائين تہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه درس ۽ تدريس، تصنيف ۽تاليف ،وعظ و نصيحت ۽ ان جي علاوه مختلف علمي شعبن ۾ انتهائي مهارت رکندا هئا، پر خاص طور تي فتويٰ نويسي ۾ تہ اوهان کي اهو ڪمال حاصل هو جو ان دور جا وڏا وڏا عالم، فقيہ ۽ مفتي سڀُورا بہ سندن جي لَاجواب فتوائن کان حيران ٿي ويندا هئا.

شيخ امام مُوَفَّقُ الدّين بن قُدامَہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ اسان 561 هجري ۾ بغداد شريف وياسين تہ اسان ڏٺو تہ شيخ سَيد عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه انهن مان آهن جنهن کي هتي علم ۽عمل ۽ فتويٰ نويسي جي بادشاهت ڏني وئي آهي. (بہجۃ الاسرار،ص۲۲۵) سندن عِلمي مهارت جو اهو عالم هو جو جيڪڏهن اوهان کان اِنتهائي مشڪل مسئلا بہ پڇيا ويندا هئا تہ پاڻ انهن مسئلن جو نهايت آسان ۽ عُمده جواب ڏيندا هئا، سندن درس ۽ تدريس ۽ فتويٰ نويسي ۾ تقريباً (33) سال دينِ متين جي خدمت سرانجام ڏني ، ان دوران جڏهن اوهان جون فتوائون عراق جي عالمن وٽ آنديون ويون تہ اهي اوهان جي جواب تي حيرت زده رهجي ويندا هئا.

اما م ابُويعليٰ نجمُ الدّين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه عراقَ ۾ فتويٰ جي لحاظ کان نهايت مشهور هئا ۽ ماڻهو فتوائن جي لاءِ اوهان ڏانهن ايندا هئا. (بہجۃالاسرار ص ۲۲۵ملتقطا و ملخصاً) اچو! انهيءِ مُناسبت سان سندن جي علمي مهارت جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## مشڪل مسئلي جو آسان جواب

حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا صاحبزادا حضرت سَيدُنا عبدُ الرزّاق

www.dawateislami.net

جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي بارگاهہ ۾ سوال موڪليو ويو تہ هڪ شخص ٽن (3) طلاقن جو قَسَم اهڙي طرح ڪنيو تہ هو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اهڙي عبادت ڪندو، جيڪو ان وقت سڄي زمين تي ڪو ٻيو شخص نہ ڪري رهيو هوندو، جيڪڏهن اهو ائين نہ ڪري سگهيو تہ ان جي گهر واريءَ کي 3 طلاقون، جڏهن سندن جي بارگاهہ ۾ اهو مسئلو پيش ڪيو ويو ۽ پڇيو ويو تہ هو شخص ڇا ڪري ۽ ڪهڙي اهڙي عبادت ڪري جو ان جي زال طلاقن کان بچي وڃي ۽ قسم بہ نہ ٽُٽي؟ تہ پاڻ هڪدم ان جو جواب ڏيندي ارشاد فرمايائون: تہ هي شخص مڪي شريف وڃي ۽ طواف جي جڳهہ کي خالي ڪرائي اڪيلو طواف ڪري، ان جي قسم بہ پوري ٿيندي ۽ ان جي زال کي طلاق بہ نہ ٿيندي، اوهان جي هن جواب سان عالم سڄورا حيران رهجي ويا.

(بهجة الاسرار، ص۲۲٦ملخصاً)

علومِ مصطفٰے و مرتضٰے کے تمہیں پر ہیں کھلے اَسرار یاغوث

(قبالۂ بخشش)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ظاهري ۽ باطني وصفن جا جامع

منا منا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان حُضُور غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي انتهائي ذهانت ۽ علمي مهارت جي خبر پئي ٿي، جنهن علماء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام کي بہ حيران ڪري ڇڏيو، هتي مان هڪ شرعي مسئلي ڏانهن بہ توجہ ڏياريان ٿو تہ بدقسمتي سان اسان جي مُعاشري ۾ طلاق ڏيڻ جي مُعاملي ۾ انتهائي غلط طريقو رائج ٿي چڪو آهي ۽ اهو هي تہ جيڪڏهن خدانخواستہ طلاق ڏيڻ جي نوبت اچي ٿي تہ هڪ ئي وقت ٽئي طلاقون ڏنيون وينديون آهن جڏهن تہ

هي غلط طريقو آهي، تئي طلاقونڈ گڏ ڏيڻ ناجائز ۽ گُناهه آهي. هن باري ۾ دارُالافتاء اهلسنّت جي طرفان طلاق جي باري ۾ جاري ٿيڻ واري هڪ اَهم پمفلٽ جو مطالعو نهايت مفيد ثابت ٿيندو، ان پمفلٽ کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان بہ پڙهي سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِنا منا اسلامي ڀائرو! اسان حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي علمي ڪمال ۽ فضائل جي باري ۾ پڙهي رهيا هئاسين، سندن جي علمي مصروفيات مان بخوبي معلوم ٿئي ٿو تہ اوهان پنهنجي سڄي زندگي عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ ان کي ڦهلائڻ ۾ گُذاري ڇڏي، تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي مِشن تي هلندي پنهنجي دل ۾ عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪيون ۽ ان جي ذريعي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪريون. ياد رکو! عِلْمِ دِين انسان کي مُعاشري جو بهترين فرد بڻائي ٿو، عِلْمِ دين ئي جي ڪري مخلوقِ خدا ان ڀانهي سان محبت ڪرڻ لڳي ٿي، علم ئي جي سبب انسان کي عزّت ۽ شرافت حاصل ٿئي ٿي ۽ علم ئي جي ڪري انسان تقويٰ ۽ پرهيز گاري اختيارڪري ٿو، اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڪيئي ڀيرا علم ِ دين جون فضيلتون بيان ڪندي پنهنجي غلامن کي عِلمِ دين حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، اچو هن باري ۾ 5 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا:

1. حضرت سيدُنا مُعاذ بن جبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان مروي آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: علم حاصل ڪريو ڇوتہ ان جو حاصل ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف، هن کي طلب ڪرڻ عبادت، هن جو درس ڏيڻ تسبيح، هن ۾ بحث ڪرڻ جهاد، بي علم کي علم سيکائڻ صَدَقو ۽ ان جي

اهليت رکڻ وارن تائين هن کي پهچائڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جو قُرب حاصل ڪرڻ آهي. هي تنهائي ۾ غمخوار، خلوت جو ساٿي، خُوشي ۽ غمي تي دليل، دوستن وٽ زِينت، اجنبي ماڻهن وٽ قرابت دار ۽ جنّت جي راهه جو مينار آهي. الله عَزَّوَجَلَّ هن جي ڪري قومن کي بلندين سان نوازيندو آهي ۽ انهن کي نيڪي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ اهڙو رهنما ۽ هادي بڻائيندو آهي جو انهن جي پيروي ڪئي ويندي آهي، هر خير ۽ ڀلائي جي ڪم ۾ انهن کان رهنمائي ورتي ويندي آهي، ان جي نقشِ قدم تي هليو ويندو آهي، ان جي عملن و افعالن جي اقتدا ڪئي ويندي آهي، ان جي راءِ آخري حرف هوندي آهي، ملائڪ ان جي دوستي کي مرغوب (پسنديده) سمجهندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي پرن سان ڇُهيندا آهن، هر خشڪ ۽ تر شيءِ ايستائين جو سمنڊ جون مڇيون، ڪيڙا ماڪوڙا، خشڪي جا درندا ۽ جانور، آسمان ۽ تارا سڀ انهن جي مغفرت گهرندا آهن_ ان ڪري ته علم انڌهي دلين جي زندگي، تاريڪ اکين جو نُور ۽ ڪمزور بدنن جي قوّت آهي. ٻانهو ان جي سبب نيڪ ماڻهن جي مرتبي ۽ بلند درجن تائين وڃي پهچي ٿو. علم ۾ غورو فڪر ڪرڻ روزا رکڻ جي برابر ۽ ان کي پڙهائڻ، رات جي قيام جي برابر آهي. علم جي ذريعي ئي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۽ فرمانبرداري ٿيندي آهي، انهيءَ سان توحيد ۽ وَرَع ۽ تقويٰ ملي ٿو، انهي جي ڪري صِلهِ رحمي ڪئي ويندي آهي، علم امام آهي ۽ عمل ان جو تابع. علم نيڪ بخت ماڻهن جي دلين ۾ وڌو ويندو آهي، جڏهن ته بدبختن کي ان کان محروم رکيو ويندو آهي.

(جامع بيان العلم و فضله، باب جامع فی فضل العلم، ص۷۷، حديث: ۲۴۰، بتغير)

2. جيڪو شخص علم جي طلب ۾ ڪنهن راهه تي هلي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت جي راهه آسان ڪندو آهي.

(مسلم،كتاب الذكر والدعاء... الخ،باب فضل الاجتماع على تلاوة القرآن...الخ، ص١٤٤٧ حديث: ٢٦٩٩)

3. جيڪو شخص طلبِ علم جي لاءِ گهران نڪتو تہ جيستائين واپس نہ موٽي، الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ آھي. (ترمذی، كتاب العلم، باب فضل طلب العلم،۴/ ۲۹۴، حديث:۲۶۵۶)

4. الله عَزَّوَجَلَّ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آھي، ان کي دِين جي سمجھ عطا ڪندو آھي. (بخارى، كتاب العلم، باب من يرد الله به خيراً...الخ ،١/ ٤٢، حديث:٧١)

5. جڏھن انسان فوت ٿي ويندو آھي تہ ان جا عمل منقطع ٿي ويندا آھن، سواءِ ٽن(3) جي (1) صدقۂ جاريہ (2) اھڙو علم جنھن ڪان فائدو ورتو وڃي (3) نيڪ اولاد جيڪا ان جي لاءِدُعا ڪندي آھي.

(مسلم،كتاب الوصية،باب ما يلحق الانسان من الثواب بعد وفاته، ص ٨٨٦، حديث:١٦٣١)

## علم جي گھٽتائي جو نُقصان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن حديث سڳورين مان عِلمِ دين جا جتي ٻيا گھڻا فضائل معلوم ٿيا اُتي ھي بہ معلوم ٿيو تہ صدقہ جاريہ، عِلمِ دين جي اشاعت ۽ نيڪ اولاد اھڙيون نيڪيون آھن جو مرڻ ڪان بعد بہ انھن جو ثواب پھچندو رھي ٿو. لھٰذا پنهنجي ٻارن کي دِيني تعليم ڏيارڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ انهن کي جامعاتُ المدينہ ۾ داخل ڪرايو. اڄڪلھ بُرائين مان سڀ ڪان وڏي بُرائي جَھالت آھي، جيڪا مُعاشري جي ٻين بُرائين ۾ سرِفھرست آھي، گھر ٻار جو معاملہ ھجي يا ڪاروبار جو، دوست اَحباب جو ھجي يا رشتيدار جو، نڪاح جو ھجي يا اولاد جي سٺي تَربِيت جو، غرض حقوقُ الله ۽ حقوقُ العباد، زندگي جي ھر شعبي ۾ جتي بہ جنهن انداز سان بہ خرابيون موجودن آھن، جيڪڏھن اسان سنجيدگي سان غور ڪيون تہ اھا ڳالھ اسان تي ظاھر ٿي

ويندي تہ ان جو بُنيادي ۽ سڀ کان نمايان سبب **عِلْمِ دين** کان دُوري آهي. **عِلْمِ دِين** جي گهٽتائي ۽ دُرست رهنمائي کان محرومي جي سبب نہ صرف مُعاملات ۽ اَخلاقيات ۾ بلڪ عقائد ۽ عبادات تائين ۾ طرح طرح جون بُرائيون ۽ خرابيون نهايت تيزي سان وڌنديون پيون وڃن، جنهن جي سدّ باب جي لاءِ محض عِلمِ دين حاصل ڪرڻ ئي ڪافي ناهي بلڪ پنهنجي علمَ تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ بہ ضروري آهي. اهو ئي سبب آهي تہ شيخِ طريقت، اميراهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَہ پنهنجن مريدن، چاهيندڙن ۽ مُتَعَلّقين کي پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ۾ مگن رهڻ جو مدني ذهن ڏيندي اُنهن کي هي مَدَني مقصد عطا فرمايو آهي: **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## مجلس "جامعةُ المدينہ" جو تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! انهيءِ مدني مقصد تحت دعوتِ اسلامي اجا تائين 102 کان وڌيڪ شعبن ۾ سُنّتن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان ئي هڪ شعبو جامعةُ المدينہ بہ آهي،شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي علم دوستي ۽ اشاعتِ عِلمِ دين جي تڙپ جي نتيجي ۾ "مجلس جامعةُ المدينہ" جي تحت ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ سوين جامعات جو قيام عمل ۾ آيو آهي. جامعةُ المدينہ جي سڀ کان پهرين شاخ 1995ء ۾ نيو ڪراچي جي علائقي مدرسةُ المدينہ گودهرا ڪالوني بابُ المدينہ (ڪراچي) جي ٻي منزل ۾ کولي وئي. جتي ٽن (3) استاد صاحبان اسلامي ڀائرن کي عالم ڪورس (درسِ نظامي) پڙهائڻ

شروع ڪيو. ان جامعةُ المدينہ کي قائم ٿيندي گھڻو عرصو نہ گذريو ھو جو اھا عمارت علم جي طلبگار اسلامي ڀائرن جي ڪثرت جي ڪري ناڪافي ٿي وئي. پوءِ ان جامعةُ المدينہ کي 1998ء ۾ گلستانِ جوھر جامع مسجد فيضانِ عثمانِ غني جي پاسي ۾ وسيع عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو، انھيءَ دوران سبز مارڪيٽ (شُومارڪيٽ) بابُ المدينہ ڪراچي ۾ بہ شام جي اوقات ۾ جامعةُ المدينہ جو آغاز ٿي چڪو ھو.

شيخ طريقت، امير اَھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ۽ مُبَلِّغِينِ دعوتِ اسلامي جي طرفان عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ترغيب جي نتيجي ۾ جتي لکين عاشقانِ رسول ۽ عاشقانِ غوثِ اعظم، راھ خدا عزّوجلّ ۾ سفر ڪرڻ وارا دعوتِ اسلامي جي مَدَني قافلن جا مسافر بڻيا، اتي ڪيئي عاشقانِ رسول ۽ عاشقانِ غوثِ اعظم مَدَني قافلن ۾ سفر ڪرڻ سان گڏوگڏ باقاعده عِلمِ دين جي حصول جي لاءِ جامعةُ المدينہ جو بہ رُخ ڪيو. ائين سڄي دُنيا ۾ خاص ڪري پاڪستان ۾ جامعةُ المدينہ جون وڌيڪ شاخون ڪلنديون يون ، ھي بيان ڪرڻ وقت صرف پاڪستان ۾ 437 جامعاتُ المدينہ للبنين وللبنات قائم آھن، جنھن ۾ 27819 شاگرد ۽ شاگرڊياڻيون درسِ نظامي (عالم ڪورس) جي تعليم حاصل ڪري رھيا آھن ۽ سوين اسلامي ڀاء ۽ اسلامي ڀينرون علم جي موتين سان پنھنجو جھوليون ڀري سندِ فراغت بہ حاصل ڪري چڪا آھن. اوھان بہ پنھنجو نالو خُوش نصيبن ۾ داخل ڪرايو ۽ پنھنجن ٻارن کي جامعةُالمدينہ ۾ داخل ڪرايو، پنھنجن ڀائرن، دوستن، عزيزن ۽ ٻين رشتيدارن تي انفرادي ڪوشش ڪيو ۽ انھن کي پنھنجي ٻارن کي جامعةُ المدينہ ۾ داخل ڪرائڻ جو ذھن ڏيو. ان مان جتي ھر پاسي علم جي روشني ڦھلجندي ۽ جھالت جي اونداھي ختم ٿيندي، اتي اوھان جي لاءِ صدقہ جاريہ جو سلسلو بہ ٿي ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## غوثِ اعظم جون تصنيفون

منا منا اسلامي ڀائرو! حُضُورغوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه دين اسلام جي خدمت ۽ امتِ مُسلمہ جي رهنمائي جي لاءِ ڪيئي ڪتاب تصنيف ڪيا، علامہ علاؤالدين بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيهپنهنجي رسالي تذڪره قادريہ ۾ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي 7 ڪتابن جا نالا تحرير ڪرڻ کان بعد فرمائن ٿا تہ معتبر روايتن مان معلوم ٿيو تہ سندن تصنيف ڪيل ڪتابن جو تعداد (69) آهي.
(سيرت غوث اعظم ،ص ٦١ملتقطاً)

## غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو وعظ ۽ نيڪي جي دعوت

حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ظاهري ۽ باطني علوم ڪي ڦهلائڻ جي لاءِ درس ۽ تدريس ۽ تصنيف ۽ تاليف سان گڏوگڏ وعظ ونيڪي جي دعوت جي ذريعي بہ دِين اسلام جي بي شمار خدمات سرانجام ڏني ۽ اوهان جي بيان جو انداز اهڙو پيارو هو جو ماڻهو ٽولن جا ٽولا پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي طرف متوجہ ٿيندا ويا ۽ جيڪي ماڻهو اوهان جي اِجتماع ۾ ايندا هئا، اهي وچ ۾ اٿي نہ ويندا هئا بلڪ جيستائين بيان جاري رهندو هو، ان وقت تائين خاموشي سان ٻڌندا رهند هئا، چوتہ سندن بيان نهايت اثرائتا هوندا هئا سندن جڏهن بيان جون محفلون شروع ڪيون تہ شُرڪاء جي گهڻائي جي ڪري مدرسي جي جڳهہ گهٽ ٿي وئي، ماڻهن آس پاس جون عمارتون خريد ڪري وقف ڪيون، بغدادجي علاوه بہ پري کان ماڻهو اوهان جو وعظ ٻڌڻ جي لاءِ اچڻ لڳا. (بهجة الاسرار،ذکر علمه و تسمية الخ، ص٢٠٢-٢٠٣،ملتقطا) سندن هفتي ۾ 3 ڏينهن بيان ڪندا هئا، جنهن ۾ بيشمار ماڻهو ۽ علماء ۽ صلحاء حضرات ايندا هئا، پاڻ جي وعظ و نيڪي جي دعوت ڪي ٻڌڻ جي لاءِ اچڻ وارن جي تعداد جي باري ۾ منقول آهي تہ عام طور ستّر هزار (70،000) کان وڌيڪ ماڻهو سندن بيان ۾ شريڪ ٿيندا هئا، جنهن ۾ عراق جا علماء ۽ فقهاء، مشائخ ۽ صُوفياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام بہ هوندا هئا.

(قلائد الجواهر ص١٨ ملخصاً) حُضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي مجلس ۾ (400) افراد قلم دوات کڻي حاضر ٿيندا هئا ۽ اوهان جي ارشادات کي لکي محفوظ ڪندا هئا. (قلائد الجواهر ص١٨ملخصا) حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي اُمّت جي اصلاح جي جذبي کي بيان ڪندي سندن جا شهزادا حضرت سيّدُنا شيخ عبدالوهاب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته پاڻ چاليهه (40) سال بيان فرمايو. شيخ عمر ڪيماني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته اوهان جو ڪو بيان اهڙو نه هو جنهن ۾ ماڻهو اسلام قبول نه ڪندا هجن ۽ چور، ڌاڙيل، فاسق، فاجر غوثِ پاڪ جي هٿ تي توبه نه ڪندا هجن. (قلائد الجواهر ص١٨)

مُحَرِّر چار سو(400) مجلس میں حاضر ہو کے لکھتے تھے
ہوا کرتا تھا جوارِ شاہِ والا غوثِ اعظم کا

## 100 فقهاء جا سوال ۽ جواب

حضرت مُفرَّج بن نَبهان شَيباني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته جڏهن حضرت سَيدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مشهور ٿي ويا ته بغداد جي ذهين ترين سو (100) فقهاء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام هن ڳالهه تي متفق ٿيا ته هر هڪ مختلف علوم ۽ فنون جي باري ۾ جدا جدا سوال ٺاهي ته جيئن انهن سوالن جي ذريعي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي لاجواب ڪري سگهون. اهو منصوبو ٺاهي سيئي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي دربار ۾ حاضر ٿيا. حضرت سَيّدُناشيخ مُفرَّج رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا ته مان به ان وقت حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي بارگاهه ۾ حاضر هئس، جڏهن اهي فقهاء ڪرام اچي ويهي رهيا ته پيرانِ پير،روشن ضميرحضرت سيدنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مٿو مبارڪ جهڪائي ورتو، ان وقت پاڻ ......... جي مُبارڪ سيني مان هڪ اهڙو نُور نڪتو، جنهن کي هر ان شخص ڏٺو جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ڏيکارڻ چاهيو، اهو نُور گذرندو جڏهن هر هڪ فقيه جي سِيني تائين پهتو ته سيئي حيرت زده ٿي تڙپڻ لڳا،

www.dawateislami.net

پوءِ متي اگهاڙي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي منبرِاقدس وٽ حاضر ٿيا. پاڻ ..................واري واري سان هر هڪ کي سيني سان لڳايو ۽ فرمايائون ته توهان جو سوال هي هو ۽ ان جو جواب هي آهي، ائين هڪ هڪ کري سيني جا مسئلا ۽ انهن جا جواب ارشاد فرمايا. جڏهن مجلسِ مبارڪ ختم ٿي ته مان انهن فقهاء وٽ ويس ۽ انهن کان پڇيو ته هي ڇا ماجرو آهي؟ ته انهن (غوث کي آزمائڻ جو وبال بيان ڪندي ٻڌايو ته ) جڏهن اسان اتي اچي ويٺاسين ته هڪدم سڀ ڪجهه ائين پلجي وياسين جيئن اسان کي ڪجهه نٿو اچي ، پر جڏهن غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اسان کي پنهنجي مُبارڪ سيني سان لڳايو ته اسان مان هر هڪ جو علم واپس آيو ۽ ان کان به وڌيڪ حيرت انگيز ڳالهه هي آهي ته حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اسان جي سوالن جا اهي جواب ارشاد فرمايا جيڪي پهريان اسان جي علم ۾ نه هئا.

(قلائدُ الجواهر،ص ٣٣۔بهجة الاسرار ذکر وعظه ،ص٩٦)

جو حق چاہے وہ یہ چاہیں جو یہ چاہیں وہ حق چاہے
تو مٹ سکتا ہے پھر کس طرح چاہا غوثِ اعظم کا

فقیہوں کے دلوں سے دھو دیا ان کے سوالوں کو
دِلوں پر ہے بنی آدم کے قبضہ غوثِ اعظم کا

(قبالۂ بخشش، ص ۵۴)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجي سڄي زندگي عِلمِ دِين جي ترويج ۽ اشاعت ۾ گذاري. اسان کي به سندن سيرت تي هلندي عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄوڪي دور ۾ دعوتِ اسلامي اسان جي آساني جي لاءِعلمِ دين سيکڻ جا گهڻا ذريعا مهيا ڪيا آهن. مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين جي بهتر تعليم ۽تربيت جي لاءِ مدارسُ المدينه،

دارُالمدينہ ۾ درسِ نظامي (عالم ڪورس) ڪرڻ جي خواهشمنداسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ جامعاتُ المدينہ قائم آهن. ان جي علاوه مختلف شعبن سان تعلُّق رکندڙ اسلامي ڀائرن جي مدني تربيت ۽ انهن ۾ وڌيڪ قابليت پيدا ڪرڻ جي لاءِ مختلف ڪورسز بہ ڪرايا ويندا آهن. انهن ۾ 12 ڏينهن جو **اِصلاح اعمال ڪورس**،41 ڏينهن جو "**12مدني ڪم ڪورس**" ۽ "63 ڏينهن جو **مدني تربيتي ڪورس**" تہ نهايت ئي اَهميت جي لائق آهن. فرض عُلوم سيکائڻ جي لاءِ وقت بوقت 12 ڏينهن جي فرض عُلوم ڪورس جو بہ اهتمام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ مفتيانِ ڪرام جدول جي مطابق اسلامي ڀائرن کي نهايت آسان انداز سان فرض عُلوم تي مشتمل مدني گلن سان نوازيندا آهن. جيئن تہ هاڻي تقريباً هر موبائل فون ۾ ميموري ڪارڊ (Memory Card) لڳائڻ جي سهولت هوندي آهي، تنهنڪري دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبةُ المدينہ عِلم جي طالبن جي آساني جي لاءِ هنن فرض عُلوم ڪورسز جي ويڊيوز (Videos) کي ميموري ڪارڊز (Memory Cards) ۾ شائع ڪيو آهي تہ جيئن مسلمان وڌ وڌ کان وڌ فائدو کڻي سگهن، دعوتِ اسلامي جي تحت هنن ڪورسز ۾ جتي عِلمِ دِين حاصل ڪرڻ جو جذبو بيدار ڪيو ويندو آهي، اتي گهٽ ۾ گهٽ حد تائين فرض عُلُوم جي معلومات بہ ڏني ويندي آهي.علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ عمل جو جذبو ماڻڻ جو هڪ بهترين ذريعو هر مهيني عاشقانِ رسول سان گڏ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ۽ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ بہ آهي .

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت جي سعادت حاصل ڪندا رهو، اچو ترغيب جي لاءِ هفتيواراجتماع ۾ شرڪت ڪري دُنيا ۽ آخرت جون برڪتون ماڻڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مدني بهار ٻڌون ٿا.

## فلمن جو شوقين

اَورَنگي ٽاؤن (بابُ المدينه، ڪراچي) ۾ مقيم اسلامي ڀاءُ جي مڪتوب جو خُلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان نيڪين کان گهڻو پري، گناهن جي وادِين ۾ قيد هئس، منهنجي نيڪين کان حد درجي غفلت ۽ فلمن ڊرامن کان جُنُون جي حد تائين مَحَبَّت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته گهران مون کي جيڪو ماهوار هڪ هزار روپيا جيب خَرچ ملندو هو، ان مان نِت نئيون فلمون ۽ ڊرامن جي V.C.Ds خريد ڪندو هئس، ايستائين جو مون وٽ ٻه هزار(2000) کان وڌيڪ VCDs گڏ ٿي چڪيون هيون! هڪ ڏينهن هڪ عاشقِ رسول سبزسبزعمامي شريف جو تاج سجائي مون وٽ آيو ۽ اِنفِرادي ڪوشِش ڪندي مون کي فڪرِ آخِرت جي باري ۾ ڪجهه ان طرح نيڪي جي دعوت ڏني ته خوفِ خدا منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي ويو، ان عاشقِ رسول جي اِنفِرادي ڪوشش جي بَرَڪت سان مان دعوتِ اسلامي جي ”هفتيوار سنتن ڀري اجتماع“ ۾ حاضِر ٿي ويس. اتي ٿيڻ واري سنّتن ڀري بيان منهنجي گناهگار دل کي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ آخر ۾ گهري ويندڙ رِقّت انگيز دُعا جو دل تي اهڙو اثر ٿيو جو گهر اچي مون فلمن جون تمام V.C.Ds ٽوڙي ڇڏيون مون دعوتِ اسلامي جي اِشاعَتي اِداري مڪتبةُ المدينہ جي سنّتن ڀري بيانات جون ڪيسٽون گهر اٽي پاڻ ٻه ٻڌون ۽ گهر وارن کي ٻه ٻڌڻ جي لاءِ ڏيو ته انهن جي برڪتن سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اسان جو سڄو گهراڻو مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي قادِري رضوي سلسلي ۾ داخِل ٿي ويس.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آ کے پاؤ مدنی ماحول
تمہیں لطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد